# 3 اَڳتي هلو

شاعر پرسرام هيرانند ضيا جو ڪارگر يوگدان نہ صرف درسي ڪتابن ۾ پر ريڊيو ۽ فلمن ۾ بہ مقبول آهي. ’باغ بهار‘، آلاپ ضيا“ جا مشهور ڪتاب آهن. ڪيترن ئي ڳائڪن ضيا صاحب جو ڪلام ڳايو آهي. هن ڪويتا ۾ اَڳيان قدم وڌائڻ لاءِ ڪن ڳالهين کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي، بخوبيءَ سان سمجهايو آهي.

پڙهو، ڳايو ۽ سمجهو.



هر قدم تي هڪ نئون گلشن ٻڌائيندا هلو.
بربٺن ۾ باغ جي رنگت رچائيندا هلو.

پيار جئن جاڳي اُتي، جاڳي اُتي اِنسانيت،
ايڪتا جا جابجا نعرا لڳائيندا هلو.

ڏاڍو ڏاڍو ڏار ٿيو، مالها محبت جي ٽٽي،
هڪ ئي ڌاڳي ۾ پوئي ڏاڻا ملائيندا هلو.

قافلو هلندو رهي اوندهہ جو ڪوئي غم نہ آ،
شوق ۽ همت جي مشعل کي جلائيندا هلو.

جي رڪو ٿا چاهہ گل سان، قرب ڪنڊن سان رکو،
خير پنهنجي باغ ساري جو منائيندا هلو.

ڪرم ئي سنسار ۾ قسمت جو ٻڌجي روپ ٿو،
ڪرم سان تقدير جي سوڀيا وڌائيندا هلو.

سڀ ملي سِرَ سِرَ ڪٽي، ٺاهيو حياتيءَ جو محل،
جت پُٽا پوُنگا، اُتي بنگلا ٻڌائيندا هلو.

بر ۾ بازاريون لڳن ۽ ساوڪون سُڃ ۾ ٿين،
جهنگلن ۾ اي ”ضيا“ منگل منائيندا هلو.

## نوان لفظ

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| خير | - | ڀلائي | سوڀيا | - | سونهن |
| سُڃ | - | ويراني | قرب | - | پيار |
| پُٽا پونگا | - | جهوپڙيون | جا بجا | - | هر جڳهہ |

# اَڀياس

**سوال.١. هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

١) اِنسانيت ڪٿي جاڳي اُٿي ٿي؟
٢) اَسانکي ڪهڙي مشعل جلائڻ گهرجي؟
٣) همت بابت شاعر جا ڇيو آهي؟
٤) ڪرم سان ڇا ٿئي ٿو؟

**سوال.٢. هيٺين ۾ خال ڀريو.**

١) قافلو هلندو رهي ................. جو ڪوئي غم نہ آ.
٢) خير پنهنجي ................. ساري جو منائيندا هلو.
٣) بر ۾ بازاريون لڳن ۽ ساوڪون ................. ۾ ٿين.
٤) جي رکو ٿا چاهہ گل سان، قرب ................. سان رکو.

**سوال.٣. بيت مان ہم آوازي لفظن جا جوڙا لکو.**


مثال : جلائيندا - منائيندا

# پورڪ اَڀياس

**(١) شعر - بند تي عملي ڪم**

جي رکو ٿا چاهہ ..................... منگل منائيندا هلو.

**١) اُبتڙ مطلب وارا لفظ ڳولهي ڳول ۾ جواب لکو.**




**٣) جوڙا ملايو.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | بر ۾ | (i) | سوڀيا وڌائيندا هلو |
| (2) | قرب | (ii) | ٻڻائيندا هلو |
| (3) | تقدير جي | (iii) | ڪنڊن سان رکو |
| (4) | اُتي بنگلا | (iv) | بازاريون لڳن |

**٤) ڏنل مثال موجب لفظ ڳولهيو.**

**مثال :- گُل سان**

(الف) ..................... سان (ب) ..................... سان